C. S. (Main) Exam : 2012

**Serial No.** [ ] **E–DTN–M–JMD–19**

# SINDHI
# (ARABIC)
**(Compulsory)**

*Time Allowed : Three Hours* | *Maximum Marks : 300*

## INSTRUCTIONS

*Candidates should attempt **ALL** questions.*
*The number of marks carried by each question is indicated at the end of the question.*
*Answers must be written in **Sindhi** (Arabic Script) unless otherwise directed.*
*Prescribed word-limit must be followed for Q. No. 3. The precis must be attempted **only** on the special precis sheets provided separately. These precis sheets are to be securely attached to the answer book.*
***Important : Whenever a Question is being attempted, all its parts/sub-parts must be attempted contiguously. This means that before moving on to the next Question to be attempted, candidates must finish attempting all parts/sub-parts of the previous Question attempted. This is to be strictly followed.***
*Pages left blank in the answer-book are to be clearly struck out in ink. Any answers that follow pages left blank may not be given credit.*

سوال نمبر ا- هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل 300 لفظن ۾ مضمون لکو- 100

(الف) ڀارت - تجارتي واپاري جو اُڀرندڙ مرڪز.

(ب) اسان جا شهر عورتن لاءِ ڪيترو محفوظ آهن؟

(ٻ) جنگلات جو تحفظ ۽ بندوبست

(پ) ڀارت ۾ ووڪيشنل تعليم

(ڀ) فلمن جي ڏند ڪٿائي دنيا

سوال نمبر ٢- هيٺ ڏنل ٽڪرو ڌيان سان پڙهو ۽ پوءِ اُن جي هيٺان ڏنل سوالن جا جواب مختصر ۽ ٺيٺ ٻوليءَ ۾ لکو 60 (6×10)

پاڻ کي جو وڏو تعداد صرف وقتائتي سنورنجن يا سکون ماڻڻ لاءِ پڙهي ٿو، جو ڪتاب مهيا ڪناٿا. ٻين لفظن ۾ اُهي پنهنجو وقت



(Contd.)

ڪانڻ لاءِ پڙهن ٿا - اڪثر ڏٺو ويو آهي ته وقت هڪ بيحد قيمتي خزانو آهي - گهٽيئي پانڪ اهو خزانو اجايو وڃائي ڇڏين ٿا - وشواس جو ڳوئي نه پيو لڳي ته پاڻکن مٿان اُهو وقت زوري ءَ مڙهيو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪين خبر پوندي آهي ته اُهي جيڪي ڪتاب پڙهناٿا ، سي وقت جي وڌيل بوجهه ڪان ڇوٽڪارو ڏياري سگهن ٿا - اهو به ڏٺو ويو آهي ته اُهي ان ڪان سواءِ پيو ڪجهه پڙهي به نٿا سگهن - جيڪڏهن اُهي ائين ڪن ها ته اهڙي پڙهڻ مان ڪين پنهنجي لاءِ پڻ ڪجهه حاصل ٿي سگهي ها؛ پر اُهي ائين ڪن پيا اُن جو ڪو به اهڃاڻ نٿو ملي - اُنهن جي پڙهائيءَ مٿن تورو ڪجهه اثر مس ڇڏيو آهي - پر اُهي جيڪڏهن ڪجهه متاثر به ٿيا آهن ، ته ان جي ڪين خبر ئي ناهي - اهو ڇئي نٿو سگهجي ته جڏهن اسين بي خوديءَ م متاثر ٿيندا آهيون ته ان جو اثر اسان لاءِ فائديمند



(Contd.)

۾ فيصله ڪُن به ٿي سگهي ٿو، اهڙو نتيجو اسين ماخذ نٿا ڪري سگهون- ان جي ثابتي اِها آهي ته اُهي جاڻي واڻي پاڻ سان ڪجهه ڪڻن ئي نٿا، جو چئي سگهن ته هنن ڪجهه پڙهيو آهي-

سوال:

(i) ڪيترا ماڻهو جو پڙهندا آهن، ليکڪ ان جا ڪهڙا سبب ٻڌايا آهن؟

(ii) ليکڪ کي ائين ڇو ٿو لڳي ته پاڻ وقت جو قدر نه پيا ڪن؟

(iii) ان حقيقت جي ڪهڙي ثابتي آهي نه پاڻکن پنهنجي وقت جو صحيح استعمال نه ڪيو؟

(iv) ليکڪ، پاڻکن جي پڙهائي پوري ٿيڻ سان ڪهڙي اُميد رکي ٿو؟

(v) ليکڪ، اجايو پڙهائيءَ واري ڳالهه ڇو ڪئي آهي؟

(vi) ليکڪ، ڪهڙي قسم جا پاڻ چاهي ٿو؟



(Contd.)

سوال نمبر٣- هيٺ ڏنل ٽڪر جو سار اٽڪل هڪ ٽئين ڀاڱي
حصي ۾ ڪريو- جيڪڏهن محدود ڳالهه جو خيال
نه رکيو ويو ته ان جي نتيجي طور مارڪون ڪٽجي
سگهن ٿيون، ٽُڪر جو سار جدا ڏنل پنن تي
لکڻ ضروري آهي- پوءِ اُهي پنا جوابي ڪاپيءَ
60 اندر مضبوطيءَ سان ٻڌو-

ڌرتيءَ جو ستر سيڪڙو حصو عام طور
پاڻيءَ تي آڌارت آهي- پوري دنيا ۾ 1.386
ڪيوبڪ ڪلو ميٽر پاڻي ملي ٿو، جنهن جو
97 سيڪڙو لوڻيا ٿو هئڻ سبب استعمال جي
قابل ڪونه آهي- باقي صرف 3 سيڪڙو ئي
صاف پاڻي آهي- پر اُن صاف پاڻيءَ جو به
68.5 سيڪڙو برفاني پهاڙن، ڇپن ۾ مستقل
طور برفاني حصن وارو آهي؛ جو انسان ذات
جي استعمال کان ٻاهر آهي- اسان وٽ ڌرتيءَ
تي 30 سيڪڙو صاف پاڻي مس ميسر آهي؛



(Contd.)

جڏهن ته 0.9 سيڪڙو آبشارن، ندين ۽ ڍنڍن ۾ آهن- اسان کي روزانه تقريباً 70 ڪيوبڪ ڪلوميٽر پاڻيءَ تي گذران ڪرڻو پوي ٿو، جيڪو ندين، آبشارن ۽ ڍنڍن مان ملي ٿو ۽ 70 ڪيوبڪ ڪلوميٽر پاڻيءَ روزانه انهن زيرِ زمين ڍنڍن مان وهي وڃي ٿو، ائين هزاره سالن کان اهو پاڻي لڳاتار ملندو رهيو آهي، پر پاڻيءَ جي اها گهرج تمام تيزيءَ سان زرعي، صنعتي توڙي گهرو استعمال لاءِ ڪجهه ڏهاڪن کان وڌندي رهي آهي- 1940ع ۾ جڏهن پوري دنيا جي آبادي ٻه ارب هئي، تڏهن پاڻيءَ جو استعمال في ماڻهو ساليانه 1000 ڪيوبڪ ميٽر کان به گهٽ هئو- 2000ع ۾ آدمشماري وڌي ڇهه ارب ٿي، ته پاڻيءَ جي گهرج پڻ وڌندي في ماڻهو ڇهه هزار ڪيوبڪ ميٽر ٿي- ائين انساني استعمال لاءِ ڪتب ايندڙ پاڻي؛ خاص طور گهٽيل آدمشماريءَ وارن حصن ۾

جتي پاڻي گهٽ ميسر آهي، انهن جاين تي پاڻيءَ لاءِ دباءُ وڌندو رهيو،پاڻيءَ جو 70 سيڪڙو زراعت لاءِ استعمال ٿئي ٿو، ان کان پوءِ صنعتي استعمال لاءِ 22 سيڪڙو ۽ باقي گهرو استعمال ۾ صرف 8 سيڪڙو پاڻي ڪم آندو وڃي ٿو- جيئن جيئن دنيا جي آبادي لڳاتار وڌندي رهي ۽ صاف پاڻيءَ جي گهرج ۾ به اضافو آيو تيئن تيئن صاف پاڻيءَ جي کوٽ به وڌندي رهي، هتي ملندڙ پاڻيءَ جو تقريباً اڌ حصو هر سال استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيڪو آدمشماريءَ جي واڌ ۽ پاڻيءَ جي وڌندڙ گهرج سبب 2050 ۾ 74 سيڪڙو ٿي سگهي ٿو- جيڪڏهن اڳتي هلي ڪ آمريڪن ماڻهوءَ جيان هتي پڻ هرجاءِ تي ماڻهن بي تحاشا پاڻيءَ جو واهپو ڪرڻ شروع ڪيو ته ان جي کپت 90 سيڪڙو به ٿي سگهي ٿي-

صاف پاڻيءَ جي حاصلات لاءِ اهم ڳالهه

 (Contd.)

اِها آهي ته ان جي ورهاست پوري دنيا ۾ هڪ
جيتري ڪونه آهي- ڪجھ ملڪن وٽ پاڻيءَ جو
وڏو ذخيرو آهي ته ڪي وري پاڻيءَ جي لحاظ
کان بيحد غريب ملڪ آهن- جيئن ته پاڻيءَ
جي حاصلات جي خيال کان گرين لينڊ ۾ في
ماڻهو 10,767 ڪيوبڪ ڪلو ميٽر آهي ته
ڪويت ۾ صرف 10 ڪيوبڪ ڪلوميٽر به مس
آهي - ڀارت ۾ في ماڻهو پاڻيءَ جي حاصلات
1951ع ۾ 5177 ڪيوبڪ ميٽر هئي، جيڪا
گهٽجندي گهٽجندي 2001ع ۾ 1820 ڪيوبڪ ميٽر
تي وڃي پهتي؛ ان ڀارت کي پڻ پاڻيءَ جي
لحاظ کان غريب ملڪن جي صف ۾ آڻي
بيهاريو- هتي 2025ع ۾ پاڻيءَ جي اها
حاصلات في ماڻهو وڌيڪ گهٽجندي 1340
ڪيوبڪ ميٽر به ٿي سگهي ٿي-
دنيا جون انيڪ نديون ۽ انهن مان نڪرندڙ
واهه ساڳئي ئي وقت هڪ کان وڌيڪ ملڪن ۾



(Contd.)

وهن ٿا۔ جيئن ته گنگا، نيپال، ڀارت ۽ بنگلا ديش ۾ ته سنڌو ندي ۽ ان مان نڪرندڙ واهه هندوستان ۽ پاڪستان ۾ وهن ٿا۔ ڊنيوب، جيڪا جرمنيءَ مان شروع ٿيندي آسٽريا، سلوواڪيه، هنگري، ڪروشيا، سربيا، رومانيه، بلغاريه، مولڊويه ۽ يوڪرين ۾ وهي ٿي۔ زامبيز، زامبيا، انگولا، نميبيا، بوتسوانا، زمبابوي ۽ موزمبيق منجهان وهي ٿي۔ مصر جي شهه رڳ، نيل نديءَ جو اصل نسل اٺ ٻين ملڪن سوڊان، ايٿوپيا، ڪينيا، روانڊا، برونڊي، يوگنڊا، تنزانيه ۽ زائري سان پڻ وابسته آهي۔ جڏهن ڪا به ندي هڪ کان وڌيڪ ملڪن مان وهي ٿي ته ان جي پاڻيءَ جي ورهاست بابت وابسته ملڪن ۾ جهيڙا جهٽو ٿيندو ورهندو آهي۔ اهڙا جهگڙا گهڻو وقت اڳ 3000 قبل مسيح کان ڏکڻ ۽ سينٽرل ايشيا، سينٽرل يوروپ ۽ مڊل ايسٽ ۾ پڻ ٿيندا رهيا آهن۔ زراعت،



(Contd.)

صنعت ۾ گهرو استعمال لاءِ وڌندڙ پاڻيءَ جي گهرج سبب اهي جهڳڙا بيحد سنجيد گيءَ واري حد کي به پهچندا آهن ۽ ڪڏهن ته حملي جي نوبت به اچيو ويندي آهي-

هڪ ساڳئي ئي ملڪ ۾ علائقائي سطح تي مختلف صوبن وچ ۾ وهندڙ ندين جو مسئلو به گنڀير هوندو آهي- گوتم ٻڌ (563—483 B.C.) کي شاڪيه ۽ ڪاتيه وچ ۾ روهني نديءَ جي پاڻيءَ واري ورهاست لاءِ تينڌر ويره جي سلسلي ۾ مداخلت ڪرڻي پيئي هئي-

20 سوال نمبر ۴۔ هيٺ ڏنل ٽڪر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو۔

I remember my father starting his day at 4 a.m. by reading the namaz before dawn. After the namaz, he used to walk down to a small coconut grove we owned, about 4 miles from our home. He would return, with about a dozen coconuts tied together thrown over his shoulder, and only then would he have his breakfast. This remained his routine even when he was in his late sixties.

I have throughout my life tried to emulate my father in my own world of science and technology. I have endeavoured to understand the fundamental truths revealed to me by my father, and feel convinced that there exists a divine power that can lift one up from confusion, misery, melancholy and failure, and guide one to one's true place. And once an individual severs his emotional and physical bondage, he is on the road to freedom, happiness and peace of mind.



(Contd.)

**سوال نمبر ٥- هيٺ ڏنل ٽڪر انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو-** 20

اسپتالن جو وجود قديم زماني کان عيسوي سن کان به اڳ جو آهي، ان سلسلي ۾ ائين چيو وڃي ٿو ته انهن جو وجود يونان، مصر ۽ ڀارت ۾ ٿيو هئو- هينئر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انيڪ وڏيون جنرل اسپتالون آهن، جتي هر قسم جي بيماريءَ علاج جي سهوليت هوندي آهي- اُنهن ۾ ڪوجنا ڪاريه سان گڏو گڏ اهڙي سکيا پڻ ڏني وڃي ٿي ۽ انيڪ ننڍيون ننڍيون اسپتالون ڪيترين ئي خاص بيمارين لاءِ ڪم ڪنديون آهن يا خاص طور عورتن ۽ ٻارن جي طبي ضرورتن جو پورائو ڪنديون آهن- يو- ڪي، ۽ آمريڪا ۾ اسپتالن جي سلسلي ۾ اها رواجي ڳالهه آهي ته اُهي گهٽ خرچ تي سهوليات فراهم ڪرائين، جيڪي راجيه سرڪار يا ميونسپالٽيءَ طرفان هلايون وينديون آهن- اهو طريقو نه صرف مالي

تڪليفن کان بچاءُ ڏئي ٿو، پر پوري انسان ذات جي سهوليت واري نظام ۾ قوت جي ڪفايت ڪي پڻ نافذ ڪري ٿو، پر اُن ذريعي هڪ بي سمجهه، مشيني، مرده عمل ۾ لياقت ڪي گهٽائيندڙ نظام؛ جيڪو مضبوط تنقيد جي کوٽ ۾ اجايو خرچ باعث جنم وٺي ٿو-

سوال نمبر ٦-(الف) هيٺين مان ڪن به پنجن محاورن ۾ پهاڪن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اُهي جملن ۾ ڪتب آڻيو- 10

☆ پير پٿون ٿيڻ-
☆ منهن ڀڄي پوڻ -
☆ ويڙ سهڻ -
☆ رِت پِٽ ڪرڻ -
☆ سٽ ڪرڻ -
☆ ڏاهو ٿيڻ-
☆ لاهڙا چاڙهڙا ڏسڻ-
☆ آئي ڏاڻدي لاءِ بورچياڻي تي ويئي -

10 (ب) هيٺين مان ڪن به پنجن جا اسم ذات لکو-

نوڪر- ديالُو- عاقل- ڪُوڙو-

هوشيار- لائق- پڙهيل- غريب-

10 (پ) هيٺين مان ڪن به پنجن جون صفتون لکو-

جهالت- وراثت- انسانيت-

رحمت- روشني- لاچاري-

پوترتا- سياڻپ-

10 (پ) هيٺين مان ڪن به پنجن جا ضد لکو-

ڏينهن- ايماندار- ٻنو-

ڌرتي- هيٺ- زال-

راجا- سؤلو-

☆☆☆